SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1992
SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1992
سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1992
THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance V of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of Section 14 of Sindh Ordinance V of 1972

4. ليزون وغيره ختم ڪرڻ
Abatement of leases etc

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 1992

SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1992

سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1992

THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

[31 ڊسمبر 1992]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 کي هن ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1992 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ

2.سنڌ جهنگلي جيوت آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کانپوءِ جاٽايل آرڊيننس جو حوالو ڏنو ويو آهي، ان جي دفعہ 2 جي

2 جي ترميم Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance V of 1972	شق (n) ۾ لفظ ۽ ڪاما "پڪي،" کي لفظن ۽ ڪامائن "پڪي، مڇي،" سان تبديل ڪيو ويندو.
1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 14 جي ترميم Amendment of Section 14 of Sindh Ordinance V of 1972	3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 14 ۾، ذيلي دفعه (3) کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعه شامل ڪئي ويندي: "(4) جهنگلي جيوت واري علائقي ۾ ڪي به مڇي مارڻ جا پاٽي ليز نه ڪيا ويندا يا ڪنهن به صورت ۾ مڇي مارڻ يا لوٽس ۽ پاڙون جمع ڪرڻ جي ڪمرشل مقصدن لاءِ استعمال نه ڪيا ويندا."."
ليزون وغيره ختم ڪرڻ Abatement of leases etc	4. ڪا به ليز يا جاري ڪيل اجازت يا ڪو معاهدو يا مٿي ڄاڻايل ذيلي دفعه (4) ۾ ڄاڻايل مقصد لاءِ ڪيل نيلامي هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ ختم ٿي ويندي ۽ ڪارگر نه رهندي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.